# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريه 1973
# SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1973
## اولهه پاڪستان خالص خوراڪ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1973
## THE WEST PAKISTAN PURE FOOD (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1973
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات

Short title, extent and commencement

2. 1960 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس VII جي دفعہ 23 جي تبديلي

Substitution of Section 23 of West Pakistan Ordinance VII of 1960

3. ڏنڊ

Penalties

4. 1960 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس VII جي دفعہ 23_A کي ختم ڪرڻ

Omission of section 23_A of West Pakistan Ordinance VII of 1960

5. 1960 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس VII جي دفعہ 31 جي تبديلي

Substitution of section 31 of West Pakistan Ordinance VII of 1960

6. ڏوهن جي ٻڌڻيءَ جو طريقو

The procedure for trial of offences

# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريه 1973
# SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1973
# اولهه پاڪستان خالص خوراڪ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1973
# THE WEST PAKISTAN PURE FOOD (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1973

[5 مئي 1973]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ پاڪستان خالص خوراڪ آرڊيننس، 1960 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ پاڪستان خالص خوراڪ آرڊيننس، 1960 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 135 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي اولهه پاڪستان خالص خوراڪ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1973 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

Short title, extent and commencement

1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس VII جي دفعہ 23 جي تبديلي

Substitution of section 23 of West Pakistan Ordinance VII of 1960

2.سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان خالص خوراڪ آرڊيننس، 1960 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ مک آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 23 لاءِ هيٺين دفعہ متبادل ٿيندي، يعني:

ڏنڊ

Penalties

"23. (1) جيڪو بہ دفعہ 12 يا 21 جي گنجائشن سان ٻيڪڙي ڪندو، ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جنهن جي مدت ٽي سالن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ يا ٻئي گڏ.

(2) جيڪو دفعات 7، 8، 9، 10، 11 يا 18 جي ٻيڪڙي ڪندو ان کي قيد جي سزا ايندي، جنهن جي مدت پنج سالن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ يا ٻئي گڏ پر قيد جي سزا جي مدت ڇهہ مهينن کان گهٽ نہ هوندي ۽ ڏنڊ پنج سئو رپين کان گهٽ نہ هوندو.

(3) جيڪو دفعات 3، 4، 5، 6 يا 13 جي ٻيڪڙي ڪندو، ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جنهن جي مدت ست سالن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ پر قيد جي سزا هڪ سال کان گهٽ نہ هوندي ۽ ڏنڊ هڪ هزار رپين کان گهٽ نہ هوندو."

1960 جي اولهہ

3.مک آرڊيننس جي دفعہ A_23 کي ختم ڪيو ويندو.

**پاڪستان آرڊيننس VII جي دفعہ 23_A کي ختم ڪرڻ**

Omission of section 23_A of West Pakistan Ordinance VII of 1960

**1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس VII جي دفعہ 31 جي تبديلي**

Substitution of section 31 of West Pakistan Ordinance VII of 1960

4.مک آرڊيننس جي دفعہ 31 لاءِ هيٺين دفعہ متبادل ٿيندي، يعني:

**ڏوهن تي ٻڌڻيءَ جو طريقو**

The procedure for trial of offences

“31. هن آرڊيننس تحت سمورا ڏوهہ فرسٽ ڪلاس ماجسٽريٽ طرفان ٻڌا ويندا ۽ 1898 جي ڪوڊ آف ڪرمنل (1898 جو ايڪٽ V) جي باب XX تحت بيان ڪيل طريقيڪار موجب ٻڌا ويندا.

بشرطيڪ ڪو بہ ڪيس جڏهن ڪنهن ماجسٽريٽ اڳيان آهي، ان جي فيصلي تي دستخط ڪرڻ کان اڳ، ڪنهن مرحلي تي اهو اڳ ڪارروائي دوران ڪنهن بہ موقعي تي ظاهر ٿئي ٿو تہ الزام هيٺ آيل ڪي ماجسٽريٽ جي دائره

اختيار هيٺ سزا کان وڌيڪ سخت سزا ملڻ گهرجي يا الزام هيٺ آيل جي ڪورٽ آف سيشنز طرفان ٻڌڻي ٿيڻ گهرجي تہ اهو 1898 جي ڪوڊ آف ڪريمنل (1898 جو ايڪٽ V) جي گنجائشن موجب الزام هيٺ آيل کي حوالي ڪندو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**